1. وفا منصور پرڙو
2. غلام علي پرڙو

# سليس سنڌي جي نصاب جو ثقافتي تناظر ۾ تنقيدي اڀياس

# A Critical Study of Salees Sindhi Text Book in the Cultural Context

***Abstract:***

*This paper examines the role of Easy Sindhi subject taught to non-native learners of the Sindhi language at schools in Sindh province. One of the motives behind teaching native languages has been to enable non-native speakers to create connections with the local population and their culture. This study was conducted in order to assess the extent of the success of this motive. Qualitative research methodology was adapted to carry out the study, and the method utilised in the study was thematic analysis. For that, a structured open-ended questionnaire was developed and piloted. After piloting, the questionnaire was administered to a number of non-native speakers residing in Karachi. The responses were collected till a saturation point was reached. Then the responses were categorised thematically for thematic analysis. In light of the emergent themes, it was revealed that hardly any of them had formed an affiliation with Sindhi culture; almost no one knew how to speak or write Sindhi; their knowledge of Sindhi culture was limited to some tangible artifacts; the majority did not feel themselves to be apart from the Sindhi community; etcetera. A number of participants believed that poor teaching quality and limited use of Sindhi language in classrooms were among the reasons they could not learn Sindhi properly and, as a result, could not assimilate into Sindhi culture. In light of the results of this study, it is recommended that the teaching of Sindhi to non-native learners should be thoroughly revised so that it can cater to their communicative and cultural needs in a sustainable way.*

***Keywords:****easy Sindhi;culture; Sindh;non-native learners;school*

---

[1]. ليڪچرر، ڊپارٽيمينٽ آف انگلش، سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي.
[2]. محقق، ليکڪ.

## تعارف ۽ پسمنظر

گليسن (1961) چيو آهي تہ ٻولي ثقافت جي فقط پيداوار نہ بلڪه ان جو اهجاڻ بہ هوندي آهي. ٻولي ۽ ثقافت جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو آهي (سموور، پورٽر ۽ جين، 1981). جڏهن انسان ڪنهن ماحول ۾ جنم وٺي ٿو تہ سندس نشونما ڪنهن مخصوص ثقافت ۾ ٿئي ٿي، جنهن جو ٻولي جز هوندي آهي. ٻولي انهيءَ ٻار جي پنهنجي اردگرد موجود ثقافت، طبعي، جذباتي ۽ خيالي دنيا سان ڳنڍجڻ جو وسيلو هوندي آهي. لسانيات جي ماهرن سيپر ۽ وورفموجب تہ خود ٻولي انسان يا انهن جي هڪڙي گروهہ جو دنيا طرف نقطه نگاهہ جوڙيندي آهي.

ثقافت سان ٻوليءَ جي اهڙي گهري ڳانڍاپي جي ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ حڪومتون پنهنجي پنهنجي قوم کي اسڪولن ۽ ٻين تعليمي درسگاهن ۾ ٻوليءَ جا ڪورس ڪرائينديون آهن تہ جيئن عوام انهن ٻولين جي سکيا جي ذريعي ثقافتي، معاشي ۽ سماجي طور پنهنجي قوم سان هڪ ناتو قائم رکي سگهي. اهڙيون ڪوششون حڪومتن پاران فقط پنهنجي ملڪ جي اندر ئي نہ بلڪه پنهنجي ملڪ کان ٻاهر بہ ٻين قومن جي باشندن جي اندر پنهنجي ملڪ، قوم ۽ ثقافت لاءِ نرم گوشو قائم ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين ماڻهن کي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي سکڻ لاءِ همٿائي انهن کي مضبوط ڪرڻ جي غرض سان ڪيون وينديون آهن. انهي ڏس ۾ اسان کي پاڪستان ۾ ايران جو ثقافتي مرڪز خانهءِ فرهنگ، امريڪا جو پاڪ-امريڪن ڪلچرل سينٽر، برٽش ڪونسل، اڳوڻي سوويت روس جو دوستي گهر، جرمني جو گوئٽي انسٽيٽيوٽ وغيره ڪجهه نمايان مثال آهن.

انهي ئي مقصد ۽ طرز تي هلندي سنڌ صوبي ۾ اهي شاگرد جن جي مادري ٻولي سنڌي ناهي تن لاءِ سرڪاري ۽ ڪجهه نجي اسڪولن ۾ سليس سنڌي يا آسان سنڌي جو ڪورس پڙهايو ويندو آهي جيڪو ٽين جماعت کان وٺي نائين جماعت تائين پڙهايو ويندو آهي.

ڪنهن بہ ٻولي واري ڪورس يا عام ڪورس جي اثرائتي هئڻ لاءِ لازمي آهي تہ ان جي چڪاس ٿيندي رهي. اها چڪاس ان ڪورس جي متن جي حوالي سان بہ ٿي سگهي ٿي، ان حوالي سان بہ ٿي سگهي ٿي تہ پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ ان ڪورس کي سمجهي ۽ پنهنجي زندگي يا حقيقتن سان جوڙي سگهن ٿا يا نہ، اها چڪاس ان حوالي سان بہ ٿي سگهي ٿي تہ انهي ڪورس جي ذريعي سکجندڙ ڪلا يا گر سکندڙ جي لاءِ ڪارگر آهن يا نہ، يا هن لاءِ سکڻ لائق ۽ سکڻ لاءِ اهم آهن يا نہ، ڇا انهن جا ثقافتي نتيجا اهي ئي نڪتا آهن جن جي لاءِ اهي ڪورس جوڙيا ويا هيا وغيره.

ڪيترن ئي ڏهاڪن کان وني سليس سنڌيءَ جو ڪورس ڪراچي، حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف شهري ۽ ڪجھ ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ رائج عمل آهي پر سليس سنڌيءَ جي ڪورس ڪيترو ڪارگر آهي، ان تي نہ جي برابر ئي تحقيق ڪئي وئي آهي؛ نہ ئي وري ان تي تحقيق ڪئي وئي آهي تہ آيا اهي ثقافتي مقصد حاصل ٿي سگهيا آهن جن جي تحت اهي ڪوششون سرانجام ڏنيون پئي ويون آهن.

## لٽريچر جو اڀياس

ٻولي جي ڪورس ۾ ثقافت جي سکيا اهم پهلو هوندو آهي. ڪِم (2020) پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ان نتيجي تي پهتو تہ ٻولي پڙهائڻ جو مقصد قوم جي تعمير ڪرڻ هوندو آهي. ٻولي سکڻ جو مقصد فقط ڪنهن ڪلا يا ڪنهن سبق جي سکيا ناهي هوندو بلڪه ان جو مقصد سياسي ۽ ثقافتي ميدانن ۾ ڦهليل هوندو آهي جن ۾ ڪنهن قوم جي شعور جي رچنا ٿيندي آهي. پر ان لاءِ لازم آهي تہ پڙهائي ويندڙ ٻولي جي ڪورسن ۾ گهربل تحقيق ڪري ان کي بهتر بڻايو وڃي. هن تحقيق جو مقصد بہ انهي مقالي جي نتيجن سان نهڪي ٿو. وگاسڪي (1978) بہ پنهنجي ٻولي سکڻ جي سماجي نظريي ۾ اهو ئي چيو آهي تہ ٻولي سکڻ جو عمل فقط ڪنهن لساني اصولن جو سکڻ نہ بلڪه سماجي سکيا جو عمل هوندو آهي جنهن ۾ ٻولي سکندڙ فقط ٻوليءَ جا اصول نہ بلڪه سماجي رسمون، ريتون، طور طريقا، رواج وغيره بہ سکندو آهي جيڪي انهيءَ ٻوليءَ ۾ سمويل هونديون آهن. تنهنڪري ٻولي سکڻ جي عمل کي ثقافتي سکيا جي عمل کان هرگز ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي.

ڪنائو (2000) ٻولي جي ڪورس ۾ ثقافت پڙهائڻ جا مختلف فائدا بيان ڪيا آهن جهڙوڪ ثقافت پڙهڻ سان شاگرد نہ صرف ٻولي معني خيز انداز سان پڙهي سگهندا آهن بلڪه انهن کي ٻولي سکڻ جو هڪ نوس سبب بہ ملي ويندو آهي؛ ثقافت پڙهڻ سان ٻولي سکندڙن کي درسي ڪتابن کان ٻاهر متعلقه ثقافت جا جيئرا جاڳندا اهڃاڻ، سندن باشنده نظر ايندا آهن جن سان هو رابطي ۾ اچي سگهن ٿا ۽ ٻولي کي ڪتب آڻي سگهن ٿا؛ انهي سان گڏوگڏ ثقافت جي ذريعي ٻولي سکڻ سان ٻولي سکندڙ جي دل ۾ مادري ٻولي ڳالهائيندڙن طرف هڪ پسنديدگي جو احساس پيدا ٿيندو آهي.

انهي يقين کي اڳيان وڌائيندي ڪئو ۽ لائي (2006) ڪنهن ٻولي کي پڙهائڻ لاءِ اها ڳالھ لازم ٿا قرار ڏين تہ جئين تہ ٻولي ۽ ثقافت جو ناتو اٽوٽ آهي ان لاءِ ٻولي جا ڪورس پڙهائيندڙن کي گهرجي تہ اهي ٻولي بہ ثقافت جي ذريعي ئي پڙهائن. صرف ايئن ڪرڻ سان ئي سکندڙ ٻولي جي صحيح سمجھ ۽ سکيا ڌاري سگهندا. انهن ٻنهي محققن ثقافت جي ذريعي ٻولي پڙهائڻ جا ڇھ طريقا پڻ

ڏنا آهن جيڪي هن ريت آهن: (1) ثقافت تي ٻڌل ڪتاب، نوٽس وغيره شاگردن کي ڏنا وڃن، (2) عام چوٽيون استعمال هيٺ آنديون وڃن، (3) پڙهائڻ دوران شاگرن کان رول پلي يعني ڪنهن شخصيت جو ڪردار ادا ڪرايو وڃي، (4) شاگردن کي ثقافتي بينڪون ۽ ماحول ناهڻ لاءِ همٿائڻ، (5) خود شاگردن کي ثقافت جو ذريعو سمجهڻ گهرجي، ۽ (6) ڪمپيوٽر ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي ثقافت جي سکيا لاءِ استعمال ڪيو وڃي. هن مقالي جي ليکڪن پاران عام طور تي مشاهدو ڪيو ويو آهي ته انهن ڇهن طريقيڪارن مان ڪو هڪ طريقو به استعمال ناهي ڪيو ويندو. رساگر (2005) ٻولي ۽ ثقافت جي رشتي تي ڳوڙهي تحقيق ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتي ته اهي ٻئي اٽوٽ شيون آهن ۽ انهن جو تعلق ڪنهن به ٻولي ڳالهائيندڙ جي ٽن شين سان هوندو آهي: سندس لفظي ۽ پسمنظر جي معني، سندس شاعراڻو بيان، ۽ سندس شناخت. ڪنهن به ٻولي جي ڪورس جو مقصد انهن ٽن پهلوئن کي پنهنجي دائري ۾ آڻڻ هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ٻوليءَ کي ان ٻوليءَ سان سلهاڙيل ثقافت کان الڳ ڪري پڙهايو ويندو ته عين ممڪن آهي ته پڙهندڙ ٻولي ته سکي ويندو پر هن جي ذهن اندر ثقافتي ڄاڻ جو خال هميشه باقي رهندو. علي، ڪزميئان، ۽ مهر (2015) ايران ۽ پاڪستان جي انگريزي سکندڙ شاگردن تي ڪيل پنهنجي تحقيق ۾ ان نتيجي تي پهتا ته انهن ٻنهن ملڪن جا شاگرد انگريزي سکڻ چاهيندا آهن ۽ سکي به ويندا آهن پر انهن ۾ رابطي، ڳالهه ٻولهه ۽ ٻوليءَ سان لاڳاپيل ثقافتي پهلو جي کوٽ موجود رهندي آهي. هن تحقيق جي پسمنظر ۾ ڏسجي ته سنڌي ٻولي، انگريزي ٻوليءَ وانگر ايتري شاهوڪار، دنيا ۾ ڦهليل ۽ بين الاقوامي طور ماڻهن جي ضرورت ناهي ۽ جي ماڻهو ان جي ثقافتي پهلو کي وساري به ان کي سکندا ته شايد اهي ديرپاءِ طريقي سان ۽ احساساتي نموني سان شايد سنڌي سان نه جڙي سگهندا.

ڪراسنر (1999) مطابق ٻولي جي ڪورس ۾ ثقافت سان سلهاڙيل متن ڀرين کان ئي سوچي سمجهي شامل ڪرڻ لازمي آهي. اهڙي متن جو مقصد پڙهندڙ کي هڪ سياح مان ڦيرائي انهي معاشري جو سوچيندڙ سمجهندڙ باشندو ناهڻ هجڻ گهرجي. انهي سان گڏوگڏ ڪراسنر اهو پڻ چيو آهي ته مختلف طريقيڪارن سان اهي متن پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائي سگهجن ٿا جهڙوڪ ٽيليويزن تي هلندڙ ثقافتي پروگرام، ناٽڪ رنگ، موسيقي، ڪنهن شخصيت جو ڪردار نڀائڻ وغيره. ايلسٽيڊر ۽ جونز (2009) به ان نتيجي تي پهتا ته ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جي استعمال سان ٻولي ۽ ثقافت جي ڄاڻ ۾ خاطر خواهه اضافو ٿئي ٿو.

جينڪ ۽ باڊا (2005) پنهنجي تحقيق ۾ هڪ اهم نتيجي تي پهتا جيڪو هن تحقيق جي پنيان ڪارفرما قوتن مان هڪ آهي. اهو نتيجو اهو هيو ته ٻولي جي ڪورس ۾ ثقافت سان سلهاڙيل متن پڙهائڻ جو فائدو اهو ٿو نڪري ته ٻولي سڪندڙن جي ٻولي بهتر ٿئي ٿي، سندن ثقافتي جاڳرتا ۾ اضافو ٿئي ٿو، اصلوڪن ماڻهن ۽ سندن ٻولي ۽ ثقافت طرف سڪندڙن جو رويو مثبت ٿئي ٿو، ۽ ٻولي پڙهائڻ جي پيشي کي به هٿي ملي ٿي.پروڊرومو (1992) گهڻ ثقافتي پسمنظر ۾ ٻولي سکڻ جي معاملي تي شاگردن کان سوالنامي ذريعي معلومات حاصل ڪئي هئي ته آخر سڪندڙ اهڙي ماحول ۾ ڇا چاهيندا آهن. تحقيق جي نتيجن ڪجھ ڳالهيون واضح ڪيون. سڀ کان پهرين ته ان ڳالھ جوهڪ پيرو ٻيهر ورجاءُ ٿيو ته ٻولي سکڻ جي عمل ۾ ثقافتي پهلو کي هرگز نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. ٻيو ته، شاگردن کي ٻولي اهڙي نموني پڙهائي وڃي جنهن سان هو متعلقه ثقافت سان سلهاڙيل معنائون آرام سان سمجهي سگهن. ٽيون ته مقامي ثقافت کي مختلف دلچسپ سرگرمين ۽ طريقن ذريعي شاگردن تائين پهچايو وڃي انهيءَ سان سڪندڙن جو ٻوليءَ ۽ ثقافت سان هڪ متحرڪ ۽ مساوي ڏيتي ليتي وارو رشتو جڙندو. آخر ۾ ٻولي جي ڪورس ذريعي ڪجھ گرامر جا اصول نه بلڪه پوشيده طور اهو باور ڪرايو ويندو آهي ته اها ٻولي ثقافتي طور اهم آهي ۽ سماج جي ثقافتي زندگي جو محور آهي.

ثقافت ذريعي ٻولي پڙهائڻ سدائين سولو ڪم به ناهي هوندو. انهن ۾ ڪجھ ڏکيائيون به شامل هونديون آهن. هن مقالي جي محققن پاران اڪثر سليس سنڌي جي استادن جي مشاهدي ۾ اها ڳالھ ڏٺي وئي آهي ته گهڻي قدر ته خود استادن کي ان ڳالھ جي خبر يا احساس ناهي هوندو ته اهي ٻولي ذريعي ثقافت پڙهائي رهيا آهن، جي ڪين ان ڳالھ جي خبر هوندي به آهي ته ڪافي استادن کي گهربل ڄاڻ، پڙهائڻ جا طريقا وغيره نه هوندا آهن جن سان اهي ان ڪورس کي اثرائتي نموني پڙهائي سگهن. ان سان لاڳاپيل هڪ تحقيق بيرام ۽ ڪرامش (2008) پاران جرمني جي اسڪول ويندڙ ٻارن جي ٻولي جي ڪورس تي ڪئي هئي. ان تحقيق ۾ ڪين ثقافت ذريعي ٻولي پڙهائڻ ۾ ٽي اهم ڏکيايون معلوم ٿيون: (1) استادن ۽ شاگردن کي اهو ڊپ هيو ته ٻولي سڪندڙن جي ذهن ۾ متعلقه ثقافت ۽ قوم لاءِ دقيانوسي خيال موجود آهن، (2) خود استادن کي ثقافت جي خاطر خواه ڄاڻ ڪونه هئي، ۽ (3) استادن کي ٻولي پڙهائڻ جا نت نوان طريقا پوري ريت معلوم نه هيا.

هن مقالي جي محققن ڪافي ڪوشش ڪئي ته هن طرح جي ڪا تحقيق پاڪستان خاص ڪري سنڌ جي پسمنظر ۾ ملي جنهن مان مدد وني سگهجي ته سنڌ جي سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ پڙهائجندڙ سليس سنڌي جي مضمون جو سڪندڙن

جي ثقافتي سکيا تي ڪيترو اثر پوي ٿو ۽ اهي اصلوڪن رهاڪن سان ڪيترو جڙيل محسوس ڪن ٿا يا نه. پر محققن جي نظر مان اهڙي ڪا به تحقيق نه گذري.

## تحقيقي سوالُ

مختلف مقالن ۽ مواد جي اڀياس ڪانپوءِ محقق هيٺين تحقيقي سوال تي پهتا ۽ ان جي ئي پاداشت ۾ سوالنامو جوڙي انگ اکر گڏ ڪيائون ۽ تحقيق جو نتيجو ڪڍيائون:

سوال 1: اهي ٻار جن جي مادري زبان سنڌي ناهي سي سليس سنڌي مضمون پڙهڻ سان اصلوڪن ماڻهن جي ثقافت سان ڪيتري ويجهڙائي محسوس ڪن ٿا؟

## طريقيڪار

هيءَ تحقيق بنيادي طور معياري يعني ڪواليٽيٽو آهي ۽ ان جي طرز دريافتي يعني ايڪسپلوريٽري آهي. فاسي ۽ ٻين (2002) موجب معياري تحقيق سماجي زندگي يا انساني تجربن سان لاڳاپيل سوالن جي جوابن، لقائن، ۽ معاملن جي گهري سمجھ حاصل ڪرڻ جو نالو آهي.سويڊبرگ (2020) موجب دريافتي تحقيق ڪنهن تحقيقي موضوع ذريعي ڪنهن نئين ۽ دلچسپ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو نالو آهي.

## سوالنامو

تحقيق جي لاءِ معلومات حاصل ڪرڻ واسطي محققن لٽريچر جي اڀياس ۽ تحقيق هيٺ سوال کي نظر ۾ رکندي هڪ نوس ڍانچي تي آڌاريل (اسٽرڪچرڊ) ڪلي سري وارو (اوپن اينڊڊ) سوالنامو ٺاهيو. سوالنامي جي پهرين حصي ۾ رکنن ڪان سندن نالو، عمر، مادري زبان ۽ تعليم جي حوالي سان سوال ڪيا ويا. گڏوگڏ کين ان ڳالھ جو به يقين ڏياريو ويو ته سندن پاران مهيا ڪيل معلومات کي راز ۾ رکيو ويندو ۽ اها ڪنهن سان به ڪانه ونڊي ويندي. سوالنامي جي ٽيون حصو ڪليل سري واري سوالن تي مشتمل هيو جن ۾ ڪائنڻ هيٺيان سوال پڇيا ويا:

1. توهان جو سنڌي جا ماستر/ماسترياڻيون توهان سان ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالھ ٻولھ ڪندا هيا؟ ۽ توهان کي ڇا ٿو لڳي ته هو اها مخصوص ٻولي ڇو استعمال ڪندا هيا؟
2. اسڪول ۾ سنڌي مضمون پڙهڻ ڪانپوءِ، توهان کي ڇا ٿو لڳي ته توهان ڪهڙي ريت سنڌي ثقافت ڪان واقف ٿيا؟
3. مهرباني ڪري اهو ٻڌائجو ته سليس سنڌي پڙهڻ سان توهان اصلوڪن سنڌي لوڪن سان ڪيتري سني ريت جڙي سگهيا؟
4. اسڪول ۾ سنڌي جو مضمون پڙهڻ سان توهان پاڻ کي ڪيتري حد تائين اصلوڪي سنڌي آبادي جو حصو محسوس ڪيو ؟
5. ثقافتي نقط نظر ڪان سليس سنڌي جو مضمون پڙهڻ جا ڪهڙا مثبت پهلو هيا؟
6. ثقافتي نقط نظر ڪان سليس سنڌي جو مضمون پڙهڻ جا ڪهڙا منفي يا ڪمزور پهلو هيا؟

7. ثقافتي حوالي سان پڙهائڻ جي معيار يا طريقيڪار ۾ ڪا اهڙي ڳالھ هئي جنهن توهان کي پايو هجي يا تنگ ڪيو هجي؟

8. مضمون جي متن جي حوالي سان ڪا اهڙي ڳالھ هئي جنهن توهان کي پايو هجي يا تنگ ڪيو هجي؟

## تحقيق جي آبادي ۽ نموني (سيمپل) جو طريقيڪار

تحقيق جي آبادي ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن سان تعلق رکندڙ اهي پڙهيل لکيل باشنده هيا جن جي مادري زبان سنڌي ناهي ۽ جيڪي سرڪاري يا نجي اسڪولن ۾ سليس سنڌيءَ جو مضمون پڙهي آيا آهن. معياري تحقيق جو اهو خاصو هوندو آهي ته ان ۾ رڪنن جو تعداد گهٽ هوندو آهي پر ملندڙ معلومات (ڊيٽا) جو معيار عددي تحقيق کان ڪافي وڌيڪ هوندو آهي. رڪنن جي نموني وٺڻ جو طريقيڪار مطلب تي ٻڌل (پرپزو) هيو. ڪيمپبل، گرينوڊ ۽ پرائر (2020) مطابق مطلب تي ٻڌل نموني جو طريقيڪار معياري تحقيق لاءِ ننڍي سطح جي نموني کان معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪارائتو هوندو آهي.

## تحقيق جا رڪن

شروع ۾ سوالنامو چاليهن کان مٿي رڪنن ڏانهن موڪليو ويو. پر پهرين ستاويهن سوالنامن جي جوابن مان ئي پسڻ واري حد (سيچوريشن پوائنٽ) پهچي وئي. تحقيق ۾ پسڻ واري حد انهي حد کي چئبو آهي جتي ڪا به نئين معلومات اچڻ بند ٿي وڃي ۽ بار بار ساڳي قسم جا جواب ملن. ان حد تي پهچي معلومات گڏ ڪرڻ وارو عمل بند ڪري ڇڏبو آهي ڇو ته ان کانپوءِ معلومات گڏ ڪرڻ جو ڪو فائدو ناهي هوندو (فرانسز، جانسٽن، ۽ رابرسٽن، 2010). تحقيق جي رڪنن جا انگ اکر هيٺين ريت ڏنل آهن:

| | |
|---|---|
| ڪل رڪن | 27 |
| مرد ۽ عورتون | مرد: 9، عورتون: 18 |
| مادري زبان | اردو: 11، پنجابي: 8،<br>بلوچي: 2، سرائيڪي: 1، ٻيا: 8 |
| عمر | 15 کان 20 سال: 14<br>21 کان 25 سال: 8<br>26 کان 30 سال: 2<br>31 کان 35 سال: 2<br>36 کان مٿي: 1 |
| ڪيترا سال سنڌي پڙهي: | 3 سالن کان گهٽ: 4<br>3 کان 5 سال: 7<br>5 کان 7 سال: 10<br>7 سالن کان مٿي: 6 |

## نتيجا ۽ بحث مباحثو

سوالنامي جي ذريعي حاصل ٿيل ڊيٽا جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تجزئي واسطي معياري تحقيق جي تجزئي لاءِ استعمال ٿيندڙ اهم طريقيڪار استعمال ڪيو ويو آهي جنهن کي موضوع وار تجزيو (ٿيميٽڪ اينائلسز) سڏيو ويندو آهي. حاصل ڪيل جوابن مان جيڪي موضوع ايريا تن جي سلسليوار ۽ تفصيلي ڇنڊ ڇاڻ ۽ مٿن ٽيڪا ٽپڻي هيٺ ڏجي ٿي:

### 1. ڪلاس ۾ استاد پاران اردوءَ جو استعمال

رڪنن مان ڪيترن جو خاص ڪري جن جو تعلق ڪراچي سان هيو، تن جو چوڻ هيو ته سندن استاد ساڻن اردو ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندا هيا. ڪراچي کان ٻاهر ڪٿي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ استاد ساڻن سنڌي يا وري ڊاٽڪيءَ ۾ ڳالهائيندو هيو. انهي جي سبب طور ڪجهه جو چوڻ هيو ته اردو ان ڪري استعمال ڪئي ويندي هئي چو ته اردو سيڻ ٻارن کي آرام سان سمجهه ۾ به ايندي هئي ۽ اردو سان ڪين ڳالهه بهتر نموني سمجهه ۾ ايندي هئي. هڪ رڪن جو ته اهو چوڻ هيو ته سندن سنڌي جي استاد ساڻن ڪڏهن سنڌي ۾ ڪونه ڳالهايو هيو ۽ اتي عام فهم اهو هيو ته ان استاد کي سنڌي ايندي ئي ڪا نه هئي.

البته ڪجهه ٻارن اهو پڻ چيو ته سندن استاد ساڻن سنڌي ۾ ڳالهائيندا هيا پر اهڙن رڪنن جو تعداد بنهه ٿورو هيو.

### 2. آسان سنڌي مضمون ذريعي سنڌي ثقافت جي ڄاڻ

رڪنن مان هڪ وڏي تعداد جو اهو چوڻ هيو ته سنڌي مضمون ذريعي کين سنڌي ثقافت جي باري ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا خبر ڪونه پئي هئي. البته، ٻين رڪنن جو جواب ان کان مختلف هيو. اهڙن رڪنن مان ڪجهه سنڌي ثقافت جي مختلف اهڃاڻن جي نشاندهي ڪئي جهڙوڪ ثقافتي ورثو، شاعري، رهڻي ڪهڻي جو ڍنگ، اوطاق، وغيره. ان جو مطلب آهي ته ڪيترن ئي شاگردن کي سنڌي ثقافت جي باري ۾ ايتري ئي ڄاڻ ملي سگهي جيڪا سطحي ۽ ظاهري هوندي آهي ۽ انهن مان مشڪل سان ڪو ثقافت جي گهري معني ۽ اهڃاڻن تائين پهچي سگهيو.

### 3. سنڌي مضمون پڙهندڙن کي سنڌي ڳالهائيندڙ ڪميونٽي سان جوڙي نه سگهيو

سوالنامي جي جواب ڏيندڙ رڪنن جي اڪثريت بلڪل سڌو جواب ڏيندي چيو ته سنڌي مضمون پڙهڻ سان هو ڪنهن به ريت سنڌي ڳالهائيندڙ لوڪن سان ناهن ڳنڍجي سگهيا. ڪجهه رڪنن اهو ڄاڻايو ته کين سنڌي ڪنهن ٻولي وانگر نه بلڪه ڪنهن مضمون وانگر پڙهائي ۽ رٽائي وئي ان ڪري هو سنڌي ڳالهائي به ناهن سگهندا ۽ نه ئي وري سمجهي سگهندا آهن جنهن جي ڪري هو سنڌي

ڳالهائيندڙن کي نيڪ نموني سمجهي يا ساڻن ڳنڍجي ناهن سگهيا. البت هڪ قليل اقليت جو چوڻ هيو ته جيئن ته سندن اردگرد سنڌي ڳالهائيندڙ رهندا هيا ۽ هنن اڳواٽ ئي سنڌي سمجهڻ سکي هئي ان ڪري ان مضمون سندن ڪنهن حد تائين بهتر سنڌي ڳالهائڻ ۾ مدد ڪئي.

## 4. سنڌي مضمون پڙهڻ وارن جو پنهنجي پاڻ کي سنڌي ڪميونٽي جو حصو سمجهڻ

هن تحقيق جي رڪنن جي گهڻائي جو خيال اهو هيو ته سليس سنڌي مضمون کين ان قابل بڻائڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو آهي ته هو پنهنجي پاڻ کي سنڌي ڳالهائيندڙن مان هڪ سمجهن. هڪ رڪن جو ته ايتري حد تائين چوڻ هيو ته ان مضمون پڙهڻ سان کيس اهو احساس ٿيو ته هو ڪوئي جلاوطن ڪيل يا نڌيل شخص آهي. البت ڪجهه رڪنن جو خيال هيو ته گهٽ ۾ گهٽ هن مضمون پڙهڻ سان کين سنڌي ثقافت يا ماڻهن جي مزاج جي باري ۾ توري گهڻي ڄاڻ ملي يا اهي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي لفظ سمجهي سگهندا آهن.

## 5. سنڌي مضمون جا ثقافتي حوالي سان مثبت پهلو

سوالنامي ۾ رڪنن کان پڇيو ويو ته ثقافتي حوالي سان هن مضمون جا کين ڪهڙا مثبت پهلو نظر آيا آهن، جنهن جي حوالي سان ڪجهه جو چوڻ ته اهو هيو ته کين ڪي به مثبت پهلو نظر ڪانه ٿي آيا پر ڪجهه هيٺيان مثبت پهلو اجاگر ڪيا:

1. سنڌي رهڻي ڪهڻي جي توري ڄاڻ ملي
2. خبر پئي ته دنيا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ڪروڙين ماڻهو آهن.
3. سنڌي قومي سورمن جي باري ۾ خبر پئي
4. سنڌ صوبي ۾ رهندي مونکي سنڌي اچڻ گهرجي
5. صوفين، سنتن، سنڌي تاريخ ۽ ماڻهن جي باري ۾ ڄاڻ ملي
6. سنڌي سنڌين سان رابطي جي زبان آهي ۽ سنڌي محبتي ماڻهو آهن.
7. سنڌي ڪورس سولا ۽ دلچسپ هيا.

## 6. سنڌي مضمون جا ثقافتي حوالي سان منفي پهلو

سوالنامي ۾ رڪنن کان پڇيو ويو ته ثقافتي حوالي سان هن مضمون جا کين ڪهڙا منفي پهلو نظر آيا آهن. ان سوال جي جواب ۾ ڪافي رڪنن جو چوڻ هيو ته کين سنڌي مضمون جا ڪي به منفي پهلو نظر نه آيا البت ڪجهه رڪنن پاران ٻڌايل منفي پهلو هيٺ ڏجن ٿا:

1. استاد شاگردن تي ڌيان ناهن ڏيندا.
2. سنڌي مضمون نه بلڪه ٻوليءَ طور پڙهائي وڃي.
3. ماضي قريب جا واقعا ۽ تاريخ پڻ ٻڌائي وڃي.

4. سنڌي مضمون متن مسلط ڪيو ويو آهي.
5. انگريزي نصابي ڪتابن جي مقابلي ۾ سنڌي نصابي ڪتاب معياري ناهن.
6. ڪراچي جا غير سنڌي شاگرد سنڌي مضمون کي بار سمجهندا آهن.
7. سنڌي مضمون پڙهڻ وقت جو زيان آهي.

**7. ثقافتي حوالي سان پڙهائڻ جو معيار**

هن سوال جي جواب ۾ ڪيترن رڪنن جو چوڻ هيو ته ثقافتي حوالي سان پڙهائڻ جي معيار ۾ نه ته ڪين ڪنهن شيءِ پايو نه ئي وري تنگ ڪيو. رڪنن مان فقط ٻن مثبت شيءِ بيان ڪندي چيو ته ڪين پڙهائڻ جو انداز ۽ ڪلاس جو نظم و ضبط وڻيو. البته ڪجهه رڪنن منفي شيون بيان ڪيون جهڙوڪ هڪ شاگرد جو چوڻ هيو ته غير سنڌي هجڻ جي بنياد تي سندس استاد کيس تنگ ڪندو هيو. ٻئي رڪن لکيو ته کيس سنڌي سمجهه ۾ ڪانه ايندي هئي. هڪڙي رڪن چيو ته ڪلاس ۾ فقط سنڌي لکرائڻ تي زور ڏنو ويندو هيو نه ڪي ڳالهائڻ تي. ڪجهه محظ اهو لکيو ته اهي سنڌي مضمون پڙهندي تنگ ٿيا هيا.

8. ثقافتي حوالي سان متن جو معيار

هن سوال جي جواب ۾ هڪڙا جواب مثبت هيا ۽ ٻيا منفي. مثبت شين ۾ رڪنن بيان ڪيو ته ڪين نبي اڪرم صلىٰ الله عليہ وسلم جي نالي سان ڳنڊيل پاڻ سڳورا جو سنڌي لفظ وڻيو. هڪ رڪن جو چوڻ هيو ته کيس سنڌي ڪاڏي ۽ پوشاڪ وارا سبق وڻيا. هڪ رڪن لکيو ته کيس عمر مارئي جو قصو پسند آيو. البته منفي جواب گهٽ تعداد ۾ هيا. هڪ رڪن لکيو ته ڪتابن ۾ نظم ۽ گيت غير ضروري طور گهڻي تعداد ۾ هيا، هڪ لکيو ته کيس ثقافتي لحاظ کان ڪا به ليائيندڙ ڳالهه نظر ڪانه آئي.

## مقالي جو تت

هن تحقيقي مقالي جو مقصد ان سوال جو جواب ڳولڻ جي ڪوشش هيو ته سليس سنڌي مضمون پڙهڻ سان سنڌ اندر رهندڙ اهڙن باشندن جو اصلوڪي سنڌي ماڻهن جي ثقافت سان ڪيترو ڳانڍاپو جڙي ٿو جن جي مادري ٻولي سنڌي ناهي. سهيڙيل انگن اکرن مان اهو معلوم ٿيو آهي ته سليس سنڌي مضمون اهو مقصد پوري ڪرڻ ۾ وڏي حد تائين ناڪام ويو آهي جنهن جا اسباب پڙهائڻ جي طريقيڪار ۽ نصاب جو غير معياري هئڻ سان گڏ، غير سنڌي باشندن جي سنڌي سکڻ طرف عدم دلچسپي پڻ آهي. انهي مضمون سبب ايڪڙ ٻيڪڙ شاگردن کي سنڌي ثقافت جي باري ۾ ڪجهه مثاچري ڄاڻ ضرور ملي آهي.

## صلاحون

هن مقالي جا محقق ان تناظر ۾ هيٺيون صلاحون ٻين محققن ۽ سنڌي مضمون پڙهائيندڙن اڳيان رکن ٿا:

1. سليس سنڌي جي استادن کي ڪلاس اندر سنڌيءَ جو استعمال وڌ کان وڌ رکڻ سان گڏ شاگردن کي سنڌ جي ثقافت، تاريخ، مزاج، رسمن وغيره جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي ڪين سنڌي سکڻ لاءِ همٿائڻ گھرجي.
2. سليس سنڌي مضمونن جي نصاب ۽ درسي ڪتابن کي جديد ڳھرجن ۽ طريقيڪارن پٽاندر ٻيهر ڊزائن ڪيو وڃي.
3. اسڪولن ۾ سنڌي ۽ سليس پڙهائڻ جي خاص پرگھور لهجي ۽ ڏسجي تہ ڇا اسڪول سنڌي مضمون طرف ايترا ئي سنجيده آهن جيترا هو ٻين مضمونن جي طرف هوندا آهن؟
4. اسڪولن جي انتظاميه خاص طور خود سنڌيءَ ۽ سليس سنڌيءَ جي استادن کي گھرجي تہ هو وڌ کان وڌ ڊجيٽل مواد ڪلاس ۾ آڻين ۽ ملٽي ميڊيا ذريعي ٻارن کي سنڌي پڙهائين. ڇنين ستر اسي سالن ۾ پڙهائڻ جا طريقا ۽ ٽيڪنالاجي جو تعليم ۾ استعمال تمام مٽجي چڪو آهي. وقت سان گڏ سنڌي مضمون جي پڙهائڻ ۾ بہ ان ئي ريت جدت آندي وڃي.

## حوالا


1. الٽسنائيڊر، ايل. ايل. ۽ جونز، بي. (2009). موٽيويٽنگ اسٽوڊنٽز فارين لينگويج اينڊ ڪلچر ايڪئيزيشن ٿرو ويب بيسڊ انڪوائري. فارين لينگويج اينلز، 42(4)، 640-657.
2. باڊا، اي. ۽ جينڪ، بي. (2005). ڪلچر ان لينگويج لرننگ اينڊ ٽيچنگ.
3. بئرام، ڪي. ۽ ڪرامش، سي. (2008). وائي از اٽ سو ڊفيڪلٽ ٽو ٽيچ لينگويج ايز ڪلچر. دي جرمن ڪوارٽرلي، 81(1)، 20-34.
4. پرودومو، ايل. (1992). واٽ ڪلچر؟ وچ ڪلچر؟ ڪراس ڪلچرل فيڪٽرس ان لينگويج لرننگ. اِي ايل ٽي جرنل، 46(1)، 39-50.
5. رساگر، ڪي. (2005). لينگواڪلچر ايز ڪي ڪانسيپٽ ان لينگويج اينڊ ڪلچر ٽيچنگ. دي ڪانسيڪوينسز آف موبلٽي، 185-196.
6. سموور، ايل. پورٽر، آر. ۽ جين، اين. (1981). انڊراسٽينڊنگ انٽرڪلچرل ڪميونيڪيشن. بيلمانٽ، سي اي: واڊسورٿ.

7. سويڊبرج، آر. (2020). ايڪسپلينيٽري ريسرچ. دي پراڊڪشن آف نالیج: انهانسنگ پراگريس ان سوشل سائنسز، 17-41.
8. علي ايس، ڪزمائين بي ۽ مهر اي (2015). دي امپارٽنس آف ڪلچر ان سيڪنڊ اينڊ فارين لينگويج لرننگ. دناميڪا المو، 15 (1)، 9.
9. فاسي، اي. هاروي، سي. مڪڊرمات، ايف. ۽ ڊيوڊسن، ايل. (2002). انڊراسٽينڊنگ اينڊ اويلوئيٽنگ ڪواليٽيٽو ريسرچ. آسٽريلين اينڊ نيوزيلينڊ جرنل آف سائڪئاٽري، 36(6)، 717-732.
10. فرانسز، جي. جي. جانسٽن، ايم. رابرٽسن، سي. گلائيڊويل، ايل. اينٽوسل، وي. ايڪلز، ايم، پي. ۽ گرمشا، جي، ايم. (2010). واٽ از اين ايڊيڪويٽ سيمپل سائيز؟ آپريشنلائيزنگ ڊيٽا سيچوريشن فار ٿيوري بيسڊ انٽرويو اسٽڊيز، 25(10)، 1229-1245.
11. ڪٽائو، ڪي. (2000). ٽيچنگ ڪلچر ان فارين لينگويج انسٽرڪشن ان دي يونائيٽڊ اسٽيٽس. آنلائين ڊاڪيومينٽ، دستياب ھن يو آر ايل تي http://ilc2.doshisha.ac.jp/users/kkitao/library/article/culture.htm
12. ڪراسنر، آئي. (1999). دي رول آف ڪلچر ان لينگويج ٽيچنگ. ڊائلاگ آن لينگويج انسٽرڪشن، 13(1-2)، 79-88.
13. ڪم، ڊي. (2020). لرننگ لينگويج، لرننگ ڪلچر: ٽيچنگ لينگويج ٽو دي هول اسٽوڊنٽ. اِي سي اين يو رويوو آف ايجوڪيشن، 3(3)، 519-541.
14. ڪيمپبل، ايس. گرينووڊ، ايم. پرائر، ايس. شائرر، ٽي. واڪمين، ڪي. ينگ، ايس.... ۽ واڪر، ڪي. (2020). پرپزو سيمپلنگ: ڪامپليڪس آر سمپل؟ ريسرچ ڪيس اگزامپلز. جرنل آف ريسرچ ان نرسننگ، 25(8)، 652-661.
15. ڪئو، ايم. ايم. ۽ لائي، سي. سي. (2006). لنگوسٽڪس اڪراس ڪلچرس: دي امپيڪٽ آف ڪلچر آن سيڪنڊ لينگويج لرننگ. آنلائين سبميشن، 1(1).
16. گليسن، ايچ. ايس. جونيئر. (1961). اين انٽروڊڪشن ٽو ڊسڪرپٽو لنگوسٽڪس. نيو دهلي: آڪسفورڊ اينڊ آئي بي ايچ پبلشنگ ڪمپني.
17. وگاسڪي، ايل. ايس. (1978). مائينڊ ان سوسائٽي: دي ڊويلپمينٽ آف هائير سائيڪالاجيڪل پراسيسز. هارورڊ يونيورسٽي پريس.